طارق سعيد
انجنيئر عبدالوهاب سهتو

# اردو امثال جي تاريخ

اهو سمجهڻ تہ چوڻين (ڪهاوتن) ۽ پهاڪن (امثال) جو تعلق عوامي/ لوڪي يا ادنیٰ طبقي سان آهي، پاڻ ڪي شديد مغالطي بلڪ دوکي ۾ مبتلا ڪرڻ آهي. بقول مولانا زڪاءُ الله جي حقيقت هيءَ آهي: ”پهاڪن (ضرب الامثال) جو ادب، منشورالادب آهي. ويچار يا ڏاهپ يا دانائيءَ جو خلاصو، ڏاهن جي ڏوري جو تائث، سپورنجن لاءِ جادو ۽ ٽوٽڪو ڦيٽو، حڪمرانن لاءِ دستورالعمل ۽ خبرداريءَ جو ڪارنامو، عام خلق جي لاءِ بزرگن جو ورثو، عشرت ۽ غم ۾ قاتلن لاءِ ترياق.“

پهاڪا ڪنهن قوم جي بهترين فردن جي بهترين تجربن جو بهترين خلاصو هوندا آهن. پهاڪا جيئن تہ تجربي ۽ عمل سان وجود وٺندا آهن، تنهنڪري قابل عمل بہ هوندا آهن. اتئون اها ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ٿي تہ جڏهن انسان پهريون دفعو تجربو يا عمل ڪيو هوندو، انهيءَ زماني ۾ پهرئين پهاڪي جو بنياد قائم ٿيو هوندو. انهيءَ تجربي جي وري وري عمل ۾ اچڻ ۽ ان جي يادگيريءَ واري نتيجي ۾ پهريون پهاڪو وجود ۾ آيو هوندو. پهاڪن سان ڪنهن قوم بابت زمانہ حال ۾ سوچڻ، سمجهڻ ۽ عمل ڪرڻ جي انداز جو ئي رڳو پتو نہ ٿو پوي بلڪ انهن سان زمانہ حال ۾ انهيءَ قوم جي روايتن ۽ ڪاميابين جي سرسري طور عڪاسي ٿئي ٿي.

پهاڪا، عام خلق جي زبان تي جاري ٿيندا آهن ۽ مشهور آهي تہ: زبانِ خلق کي نقاره خدا سمجهو. انهن کي خلق ئي نہ پر خالق جو آواز تصور ڪرڻ گهرجي. غور ڪبو تہ اندازو ٿي ويندو تہ ڪيترائي پهاڪا، انساني زندگيءَ لاءِ عمدو لائحہ عمل فراهم ڪن ٿا ۽ منجهانئن گهڻن ۾ تہ خدائي حڪمن جي مطابقت بہ ملي ٿي. اهو صحيح آهي تہ پهاڪن جي وضع ڪندڙ جو تعين عام طور نہ ٿو ڪري سگهجي، ليڪن سندن مفهوم ۽ مضمون چٽيءَ طرح ٻڌائين ٿا تہ انهن جو تعلق خدا جي پهتل ٻانهن جي انهيءَ جماعت سان آهي جيڪي هر زماني ۾ انسانيت کي نيڪيءَ جو رستو ڏيکاريندا رهيا آهن.

جهڙيءَ طرح گلن جي ڍير مان اوتري ۽ ان حد تائين خوشبوءِ نہ ٿي حاصل ٿئي جيتري ۽ جنهن حد تائين عطر جو هڪ ننڍڙو ڦڙو ذهن کي معطر ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح ڪنهن قصي، تجربي يا تاريخي واقعي جي بيان سان انسان جي ذهن ۽ شعور ۾ اهو تاثر مرتب نہ ٿو ٿي سگهي، جيڪو هڪ پهاڪي سان ٿئي ٿو. حڪمت جي ماهرن، انسان جي ظاهر نہ بلڪ باطن جي حالات جي جاچ جوچ ڪانپوءِ، پهاڪن مان اهي فائدا حاصل ڪيا آهن، جيڪي ڊگهين تقريرن، داستانن ۽ تاريخ جي سبقن مان بہ حاصل نہ ٿي سگهن. حقيقت آهي تہ جيڪو ڪم سُئي ڪري سگهي ٿي، سو تلوار هرگز نہ ٿي ڪري سگهي.

مختلف زمانن ۽ حالتن ۾، مختلف ماڻهن جا تجربا مختلف رهيا آهن. انهيءَ سبب، سچ هئڻ جي باوجود پهاڪن ۾ ڪن وقتن تي ابتڙ مفهومن جو بيان بہ ٿيو آهي. عملي زندگيءَ ۾ انهيءَ نقطي کي بہ وساري ڇڏڻ نہ گهرجي تہ هر ڪم جي هڪ مهل ۽ هر ڳالهہ جو هڪ موقعو هوندو آهي. ضروري ناهي تہ هر پهاڪو هرموقعي تي هر شخص جي لاءِ سچ ۽ قابلِ عمل بہ هجي.

پهاڪو هڪ مدت جي تجربن جو نچوڙ هوندو آهي. ان ۾ جن لفظن جو استعمال ٿيندو آهي، سي بہ پراڻا ٿي چڪا هوندا آهن. عوامي زبان نسبتاً وڌي ڊگهي عرصي تائين پنهنجي اصليت مطابق رهندي آهي. پهاڪن جي زبان ۾ قديم هئڻ جو جيڪو رنگ نظر اچي ٿو، تنهن گهڻن کي دوکي ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي تہ سندن زبان عوامي آهي. محض قدامت (قديم هئڻ) ڪنهن زبان جي عوامي هجڻ جو دليل ناهي.

پهاڪي ۾ ڪنهن تجزيي يا عمل جو تت بيان ٿيل هوندو آهي. متن درياهه کي ڪوزي ۾ بند ڪرڻ واري ڳالهه سچي ثابت ٿيندي آهي. انهيءَ لحاظ کان پهاڪي کي انتهائي جامع ۽ مانع هئڻ گهرجي. پهاڪو عام طور تي ٻه يا ٻن کان متي لفظن جو مجموعو هوندو آهي. اهو هڪ جملي (مفرد يا مرڪب) تي ٻه مشتمل هوندو آهي، ليڪن پنهنجي ترڪيب جي لحاظ کان اهو جملي کان مختلف هوندو آهي. ڪو ٻه جملو، بغير فعل جي ممڪن ئي نٿو ٿي سگهي، ليڪن پهاڪي ۾ ڪنهن فعل جو شامل هئڻ لازمي ناهي بلڪ شايد فعل جي حذف هئڻ کي ٻه پهاڪي جو حسن قرار ڏئي سگهجي ٿو. مثال طور:

| | | |
|---|---|---|
| ١ | آم ڪي آم، گٺليون ڪي دام | انب جو انب، ککڙين جي اگهه |
| ٢ | انڌا ملا، ٹوٽي ميت | نيم ملا، خطرهِ ايمان |
| ٣ | اپنا دام کوٹا تو پر کا ڪون کيا دوس | هٽ جي وڌيءَ جو نه ويج نه طبيب |
| ۴ | اونٹ ڪي چوري، نُهرين نُهرين | اُٺ جي چوري، پکي ۾ ڪين لکندي |

پهاڪن ۾ ضروري لفظ آندا ويندا آهن. اهي واڌو لفظن کان پاڪ ۽ اختصار يا تات پرج جو بهترين نمونو هوندا آهن. پهاڪي ۾ هر لفظ وقتائتو ۽ منديءَ تي ٽِڪ جيان جڙيل هوندو آهي.

هڪ مدت تائين استعمال جي رڳڙ ۾ اچڻ ڪانپوءِ، ڪو فقرو/ جملو مثالي تي پوندو آهي ۽ جڏهن اهو هر قسم جي تراش خراش ڪانپوءِ پهاڪو تي پوندو آهي ته نهايت محڪم ۽ مضبوط هوندو آهي. منجهس ڪنهن قسم جي لفظي وڌاءَ، ڦير گهير ۽ مٽ سٽ جي وڌيڪ تر جيتري ضرورت نه هوندي آهي. بلڪ ڪنهن وقت منجهس تبديلي ڪيس بگاڙڻ جو سبب ٻه ٿيندي آهي. انهيءَ لاءِ قانون مقرر ڪيو ويو ته:

"پهاڪي ۾ تبديلي ۽ ڦير گهير جائز ناهي. جيئن ٻڌو ويو آهي، تيئن استعمال ڪرڻ گهرجي".

مثال طور هڪ پهاڪو آهي: "آگي دوڑ، پيچي چوڑ". تقريباً سيني پراڻن ڪتابن ۾ "چوڑ" نه بلڪ "چوڑ" لکيل آهي. شيخ امام بخش صهبائيءَ انهيءَ جي وضاحت ڪئي آهي ته:

"ظاهراً "چوڑ" جيم فارسي مفتوح (زبر) ۽ واو ساڪن (جزم) ۽ ري هندي (سنڌيءَ) سان مستعمل آهي. اصل ۾ "چوڑ" جيم فارسي مضموم مخلوط الهاء (هه سان جڙيل) هيو. (رسالہ قواعدصرف و نحو اردو ص:217)

مولوي نجم الدين انهيءَ باري ۾ لکيو آهي:

"محفف چهوڑ جو آهي چوڑ، چيٹ جو قائم مقام آهي". (نجم الامثال) عالمن جڏهن پهاڪي کي تحرير ۾ محفوظ ڪيو ته ان جي ساخت ۽ هيئت جي محافظت جي ذميداري ٻه ڪنيائون، جيئن متي ٻڌايل مثال مان ظاهر آهي. ليڪن جنهن دنيا ۾ اسان رهون ٿا، ان ۾ هر شيءِ جي عمر مقرر آهي. ماڻهن وانگر گفتن ۽ قومن وانگر جملن ۽ فقرن جي لاءِ ٻه مدت بهرحال مقدر ۾ آهي. هن دنيا ۾ ڪنهن ٻه شيءِ، ڪنهن ٻه ڳالهه کي ٽڪاءُ ناهي. ڦيرگهير ۽ تبديلي، انهيءَ جو مرڪ آهي. پهاڪا ٻه انهيءَ قانونِ فطرت کان ٻاهر نڪري نه ٿا سگهن.

هيءَ ڪائنات ارتقا پذير آهي. انساني علم ٻه بلڪل تبديلين جو شڪار آهي. سندس تجربن جو انداز ۽ مزاج ٻه بدلجندو رهي ٿو. انهن تجربن جي پيشڪش جا طريقا ٻه مسلسل ساڳيا نه رهيا آهن. وقت خود انسان کي ذاتين ۽ قومن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي. قومن جي زبان، سندن مزاج ۽ سوچڻ جو انداز ٻه مختلف ٿي ويو آهي. هر قوم جا پهاڪا ۽ چوڻيون ٻه جدا جدا ٿي ويا آهن. عالمي ارتقا جي ڌاڍ جي نتيجي ۾ اهي حالات اڄ ناهن جيڪي ڪلهه هئا. جيڪي معاملا اڄ درپيش آهن، سي سياڻي نه هوندا. ڪالهوڪيون گهڻيون شيون اڄ ٻه گذريل شيون ٿي چڪيون آهن. سياڻي کهڙو سامان هوندو، اڄ ان جو تصور ٻه ممڪن ناهي. ڪالهوڪين ڳالهين جا مثال/ پهاڪا اڄ وساريل چيٽي/ پچيٽيءَ متان اڪريل چڻ بنجي چڪا آهن. سياڻي جيڪي پهاڪا/ مثال وجود ۾ ايندا، اڄ سندن مذڪور ٻه امڪان کان ٻاهر آهي. ڪالهوڪيون چوڻيون جيڪي اڄ رائج ۽ باقي آهن سي اڄ جي حالات، اڄ جي ضرورتن ۽ اڄ جي بول چال مطابق ڍلبيون وڃن ٿيون. اها تبديلي ئي در اصل سندن بقاءَ ۽ زندگيءَ جي ضامن آهي. نئين آئين کان ڊڄڻ ۽ پراڻي ڍنگ تي ڳَٽ ڏيڻ، موت کي سڏ ڪرڻ برابر آهي.

پنهنجي مفهوم ۽ ان جي اظهار جي معيار جي اعتبار سان پهاڪن جا ٻه قسم آهن:
(الف) اهي جن جو تعلق خاص سان آهي، (ب) جيڪي خاص ۽ عام: ٻنهي لاءِ آهن. پهرئين کي عليحده/ مٿانهون ڪرڻ لاءِ "نادره" جو اصطلاح استعمال ڪيو ويو آهي. عربيءَ ۾ "نادره" مان اهي الفاظ مراد ورتا ويندا آهن جن ۾ استعارو نه هجي ليڪن اردوءَ ۾ انهيءَ مفهوم جي پابندي نه ڪئي وئي آهي. هتي انهيءَ پابنديءَ جي ضرورت به ناهي. پنهنجي اصطلاحن جي مفهومن ۽ استعمال جي موقعي جي لحاظ کان اردو آزاد آهي. اردوءَ ۾ نادره اهي پهاڪا آهن جيڪي صرف خواص جي زبان تي چڙهيل آهن. عام پهاڪا ان جي برخلاف خاص ۽ عام : ٻنهي جي زبان تي جاري آهن.

خواص پنهنجي زبان جي باري ۾ ڏاڍا محتاط هوندا آهن، ليڪن سموري احتياط جي باوجود عوامي/ لوڪي جملا سندن زبان ۾ داخل ٿيندا رهندا آهن. ايرانين جي فارسيءَ ۾ به اسان جي زبان (اردوءَ) جا ڪي جملا قديم زماني کان جاري آهن. هندستانين جي فارسيءَ ۾ شامل ٿي وڃڻ ته انهن لاءِ تمام سولو هيو. پهاڪن ۾ انهن جا مثال گهڻا موجود آهن. انهن (دخيل) ڪاهي پيل لفظن جي ڪري، پهاڪن جي دلچسپي ئي نه بلڪ معنويت ۽ اهميت ۾ به گهڻو اضافو ٿيو آهي. مثال طور:

| | | |
|---|---|---|
| ١ | عقل چه ڪتي است که پيش مرد بيايد | مردن آڏو، عقل ڪهڙي ڏاڍهي آهي |
| ٢ | عاشقان را اور جهان لنگي بس است | عاشقن لاءِ سڄو جهان لانگوٽي ۾ آهي |
| ٣ | فارسي را ٽنگڙي توڙم که لنگڙي شود | فارسيءَ جي ٽنگڙي توڙ ته منڊي |
| ۴ | زر نيست، عشق ٽين ٽين | بنا پئسي پرشاد، هرو نه ڏئي هٿ ۾ |

وقت سان گڏ عام چوڻين ۾ جيڪي تبديليون رونما ٿيون آهن، تن جا به ٻه مثال هيٺ ڏجن ٿا.
اورنگزيب جي زماني ۾:

| | | |
|---|---|---|
| ١ | موڊ موندايا، اور اولي پڙي | مٿو ڪوڙائيندي ئي، ڳڙا ڪريا |
| ٢ | قاضي نياؤ نه ڪريگا تو گهر نه جان ديگا (عوارف لوندي) | پير پٽ نه ڏيندو ته زال ته نه ڪسيندو |

شاهه عالم ثانيءَ جي زماني ۾ :

| | | |
|---|---|---|
| ١ | سر منداتي هي اولي پڙي | مٿو ڪوڙائيندي ئي، ڳڙا ڪريا |
| ٢ | قاضي نياؤ نه ڪريگا گهر تو آن ديگا (خزينة الامثال) | عمر نيئي نيئي مارئي نيندو، ٽرئون ته ڪين ٽيلهيندو. |

بهادر شاهه ثانيءَ جي وقت اهي پهاڪا هينئينءَ طرح رائج هيا:

| | | |
|---|---|---|
| ١ | سر منداتي اولي پڙي | مٿو ڪوڙائيندي ئي، ڳڙا ڪريا |
| ٢ | قاضي انصاف ڪريگا گهر مين نه آني ديگا (رساله قواعد صرف و نحو اردو) | نيئي نيئي، عمر مارئي نيندو، ٽرئون ته ڪين ٽيلهيندو. |

مٿين مثالن مان زبان جي بتدريج تبديليءَ جي شاهدي ملي ٿي ۽ اها صورتحال لسانيات سان دلچسپي رکڻ وارن لاءِ توجهه جي لائق آهي. مٿين تفصيلات مان ظاهر ٿيو ته پهاڪن ۾ انتهائي آسان ۽ عام فهم لفظن جو استعمال ٿيندو آهي. ليڪن انهيءَ مان اها راءِ نه وٺڻ گهرجي ته منجهن ڳالهه کي بلڪل سادڙي سودڙي مثال سان پيش ڪيو وڃي ٿو. دراصل مطلب/ مفهوم جي پيشڪش جو انداز ئي پهاڪن جي قبولِ عام جو سبب آهي.

انهيءَ جون ٻه صورتون آهن.

(الف) استعاري جو استعمال: انهيءَ ۾ خوبي اها هوندي آهي ته شڪ جو سبب گهٽين شين مان حاصل ٿئي ٿو. مثال طور: ”صدا طوطی کی سنتا کون ہے نقارخانے میں.“ انهيءَ ۾ طاقتور ۽ زورآور جي مقابلي ۾ ضعيف ۽ ڪمزور بابت نه پڇڻ جي ڳالھ ڪئي وئي آهي ۽ شڪ جو سبب گهٽين شين مان ظاهر آهي.

(ب) مجاز جي صورت جو آڻڻ ۽ جنهن جاءِ تي اهي ٻئي شڪليون نه هجن، جملو پلي ڪيترو ئي توجھ ڇڪائيندڙ ۽ معنیٰ خيز هجي پر پهاڪي جي وصف ۾ نه ايندو.

هر پهاڪو پنهنجي لفظن جي اصلي معنیٰ جي اعتبار سان مربوط ۽ با معنیٰ هوندو آهي. ڪن پهاڪن جي ظاهري معنیٰ ۾ به عموميت وارو پهلو هوندو آهي، ليڪن هر پهاڪي جو هڪ سبب خاص هوندو آهي ۽ جڏهن انهيءَ تي اهو پهاڪو يا مثال وارد ٿيندو آهي ته ان جي مفهوم جو صحيح لطف حاصل ٿيندو آهي.

پهاڪا موزون به ٿي سگهن ٿا ۽ غير موزون به. موزون پهاڪا ڪڏهن هڪ شعر ۽ عام طور هڪ مصرع جي صورت ۾ هوندا آهن. غير موزون مان مراد نثري پهاڪا آهن جيڪي به يا ٻن ڪان وڌيڪ گفتن/ لفظن تي مشتمل هوندا آهن. مختصر ترين پهاڪن جا ڪجھ مثال هي آهن.

| | | |
|---|---|---|
| ١ | چکنا گھڑا | چڪنو گهڙو/ سٽيو مٽ |
| ٢ | اناڑی چولھا | وچ - ڪُتيو |
| ٣ | اندوں کا ھاتي | انڌن پيو، مئي هاٿيءَ سين مامرو |
| ۴ | اندھي کي ھات بٽير | انڌي جي هٿ ۾ بٽير |
| ۵ | تيتر کي منہ لچي | تتر آڌو اڌوهي |
| ٦ | جوگي کا/کي ميت | جوڳي نه ڪنهن جا مٽ |

نثري پهاڪا جڏهن ڪنهن قدر ڊگها هوندا آهن ته مقفیٰ به هوندا آهن ۽ ساده به هوندا آهن. انهن جا مثال هن طرح آهن جو اهي مسجع به هوندا آهن.

| | | |
|---|---|---|
| **مسجع** | ١. اونٹ بوڑین، بيڑ ٿاه لي | اٺ جو ٻوڙ، رڍ لٽاڙي |
| | ٢. اندا ملاء، قوتي ميت | نيم ملا، خطرهِ ايمان |
| **مقفیٰ** | ١. چيري ني دوڌ ديا، پر مينگني پرا | ٻڪري کير ڏئي پر ڦولهڙين گاڏڙ |
| | ٢. مين چنگا، تو ڪنوئي گنگا | جيءُ خوش، جهان خوش |
| **مسجع مقفیٰ** | ١. اگون دوڑ، پچو چور. | پڇندو وججي، رهائيندو به وججي |
| | ٢. تانت باجا، راگ بوجها | تار وڳي، سُر سمجهيو |
| ساده | ١. پوين پر آسمان چائي. | آسمان مٿي تي ڪٽڻ |
| | ٢. بلي کي بختون چينکا ٽوٽا | ٻليءَ جي ڀاڳين ڇڪو ٽٽو |

سمورن پهاڪن ۾، چاهي اهي ڪنهن به قسم جا هجن، گندي جي گلا ۽ سهٽي جي ساراھ جو عمل قدرِ مشترڪ جي حيثيت رکي ٿو ۽ ان مان مقصود، جيئن ٻڌايو ويو ته انساني معاشري جي فلاح ۽ ٻهبود جو حاصل ڪرڻ آهي. معاشري ۾ اڪثريت عوام/لوڪن جي هوندي آهي، انهيءَ سببان پهاڪن جي لاءِ لازمي آهي ته اهي عوام/لوڪ ۾ مقبول هجن. ڪنهن به قول تي پهاڪي جو تيستائين اطلاق نه ٿو ٿي سگهي، جيستائين ان کي قبولِ عام/ لوڪ-پسند بلڪ عام رواج جي سند حاصل نه ٿي ٿئي. انهيءَ مقام تي اها ڳالھ به دلچسپيءَ جو باعث ٿيندي ته پهاڪن جو استعمال عورتن جي زبانن تي تمام گهٽو هوندو آهي. انهن کي استعمال ڪرڻ به خوب ڄاڻنديون آهن.

دنيا جي مڙني ٻولين وانگر اسان جي زبان (اردوءَ) ۾ ٻه پهاڪن جي تاريخ پراڻي آهي. جيئن خبر آهي ته اتر هندستان جو گاديءَ جو هنڌ دهلي رهيو آهي. انهيءَ شهر کي اسان جي تهذيبي تاريخ جي مرڪزي حيثيت حاصل رهي آهي. انهيءَ شهر متعلق گهڻا پهاڪا رائج آهن، مثال طور:

| | | |
|---|---|---|
| ١ | دلي دور هي | اجا دهلي  دور آهي. |
| ٢ | گهوڙون کو دلي کتني دور | گهوڙن آڏو دهلي ڪيترو پري آهي. |
| ٣ | دلي کي ديوالي، منه چکنا پيٹ خالي | دهليءَ جي ديوالي، وات سٽيو پيٽ خالي. |
| ٤ | دلي کي بيٹي، مترا کي گائي،<br>کرم ڦوٹي تو باهر جائي | دهليءَ جي ڄائي ۽ مترا جي ڳانءِ،<br>نياڳ ڪٽين ته ٻاهر وڃن. |

جيئن جيئن ٻين ماڳن/مقامات کي تهذيبي اعتبار کان اهميت حاصل ٿيندي وئي، سندن متعلق ٻه پهاڪا/چوڻيون رواج ۾ ايندا ويا. مثال طور:

| | | |
|---|---|---|
| ١ | دکن گئي نه باهوري اور رهي چنديري چالي | نه دکن ويو نه باهوري، سڏائي چنديڳڙھ جو چالو |

هڪ دلچسپ حقيقت اها ٻه آهي ته اسان جي زبان اردوءَ جا جيڪي پراڻا فقرا محفوظ پيا آهن سي ٻه پهاڪا ئي آهن يعني:

| | | |
|---|---|---|
| ١ | پونون کا چاند بالا هي | پونا جو چنڊ اوچو آهي. |
| ٢ | جو مندا سا بانڌي سو پائين پسري | . |

ستين صدي هجريءَ (تيرهين صدي عيسويءَ) جي منڍ ۾ نقل ٿيندڙ انهن مثالن، اسان جي ٻوليءَ جي اصل صورت کي محفوظ رکيو آهي. ان مان خبر پوي ٿي ته هندستان ۾ اچڻ کان پوءِ، مسلمان صوفين ۽ اڪابرن، هتان جي زبان کي سمورين لطافتن ۽ نزاڪتن سان اختيار ڪيو هيو. مسلمان صوفين جي منظوم عشقيه داستانن ۾، جن جو هن زبان ۾ هڪ ڊگهو سلسلو آهي، پهاڪن جو وڏي خوبيءَ ۽ بي ساختگيءَ سان استعمال ٿيندو رهيو آهي. اهو انهيءَ ڳالهه جو ٻه ثبوت ٻه آهي ته پهاڪن/ چوڻين جي زبان، جاهلن ۽ نيچ طبقي جي ماڻهن جي نه آهي، بلڪ اهي پهاڪا شرفائن، اميرن ۽ بادشاهن جي زبانن تي ٻه جاري هيا. گجرات جي نالي سان ڳنڍ سلطان محمود بيگڙي جي باري ۾، جنهن جو دور نائين صدي هجري/ پندرهين صدي عيسويءَ جو وچ هيو، مشهور آهي ته هڪ موقعي تي چيو هئائين:

| | | |
|---|---|---|
| ١ | نيچي بيري، سب کوئي جهوري | پريل ٻير ۾، سڀڪو جنب هٽي. |

اهو ۽ ان قسم جا ججها پهاڪا، عام ۽ خاص جي زبان تي جاري هلندا اچن ٿا.

پهاڪن کي ڪٺو ڪري، انهن جي مفهوم کي ٻه قلمبند ڪري چڱڻ ڏانهن سڀ کان پهريان عالمگير ۽ اورنگزيب جي آخري زماني ۾ مارهري جي مشهور صوفي بزرگ شاهه برڪت الله پيميءَ جي ڌيان ويو. شاهه صاحب ٻه سؤ کان مٿي پهاڪا ڪنا ڪري، تصوف جي معاملات ۽ مسائل جي روشنيءَ ۾، فارسيءَ ۾ انهن جي شرح لکي ۽ پنهنجي انهيءَ رسالي کي ”عوارف هندي“ جو نالو ڏنو. هڪ نسخي جي ڪاتب ان کي ”شرح امثله هندي“ ٻه چيو آهي.

اها دعوىٰ نه ٿي ڪري سگهجي ته 'پيميءَ' کانپوءِ، ٻارهين صدي هجريءَ/ ارڙهين صدي عيسويءَ جي خاتمي تائين، ان ڪم ڏانهن وري ڪنهن جو ڌيان نه ڏريو، ليڪن هن وقت تائين اُن زماني جي اهڙي ڪا ٻي ڪاوش اسان جي علم ۾ نه آئي آهي.

اڻويهين صدي عيسويءَ جي پهرئين سال ۾، جڏهن ڪلڪتي ۾ فورٽ وليم ڪاليج جو بنياد پيو، لکنوءَ

جي سيّد حسين شاهه ’حقيقت‘ عربي، فارسي ۽ اردو، ٽنهي زبانن جي پهاڪن کي، اکرن جي هِجي جي اعتبار سان هڪڙي رسالي جي صورت ۾ مرتب ڪيو. ان رسالي جو نالو ”خزينته الامثال“ آهي. توجهه لائق ڳالهه هيءَ آهي ته مؤلف انهيءَ رسالي جو ديباچو اردوءَ ۾ لکيو آهي. انهيءَ ديباچي ۾ چوي ٿو:

”اهڙو ڪتاب جيڪو ’مجمع امثال‘ هجي، نظر نه آيو.“

گمان اهو آهي ته اهو ڪتاب، پيميءَ جي رسالي تائين سمورو ٿي سگهيو پئي. جنهن ۾ پيميءَ ۾ پهاڪن کي ڪنو ڪرڻ ئي ڪافي سمجهيو ۽ انهن جي مطالب کي قلمبند نه ڪيو. ’حقيقت‘ جي رسالي کي مؤلف جي پٽ، سيد محسن علي ’محسن‘ موسويءَ ڪن واڌارن سان گڏ ڇپائي ڇڏيو هيو. انهيءَ ڪتابي مجموعي جو عڪس، مقتدره قومي زبان اسلام آباد 1986ع ۾ شايع ڪيو آهي.

اٽويهين صديءَ جي وچ ڌاري، شيخ امام بخش صهبائيءَ جڏهن پنهنجو رسالو ”قواعد صرف و نحو اردو“ مرتب ڪيو ته ان جي آخر ۾ به ان هڪ باب پهاڪن جي متعلق شامل ڪيو. صهبائيءَ جي اڳ پهاڪن متعلق مٿي ڄاڻايل ٻئي ڪتاب نه هيا. پاڻ اردوءَ جون لڳ ڀڳ سوا ٽي سؤ چوڻيون ڪنيون ڪري ڏنيون اڻائين ۽ لکيائين:

”جيڪا پهاڪي جي معنىٰ، ظاهر ۽ توجيهه جي قابل نه هوندي سا لکڻ، قلم جو مقصد ۽ معنىٰ جو اظهار نه ٿيندو، ۽ باقين جي معنىٰ به لکي ڇڏبي.“

صهبائيءَ ائين نه ڪيو جو پهاڪن جي تشريح ڪيائين بلڪ ڪي پهاڪا جيڪي ڪهاڻي طلب هيا، تن متعلق ڪهاڻي به مختصر طور تي تحرير ڪري ڇڏيائين. اهڙيءَ طرح صهبائيءَ ڪم کي ٿورو اڳيرو ڪيو آهي. صهبائيءَ جي ڪتاب ۾ پهاڪن جو متن گهڻين جاين تي اڳي ٻڌايل ٻنهي ڪتابن جي اندراج کان مختلف به آهي. اهو اختلاف زماني ۽ مڪاني فرق جي ڪري ٿي سگهي ٿو ۽ اهو فرق پهاڪن جي تدريجي ارتقاءَ جو مظهر پڻ آهي. اٽويهين صديءَ جي پهرئين اڌ جي نثري تصنيفات جو تعداد تمام گهٽو ناهي. انهيءَ اعتبار کان به صهبائيءَ جي رسالي کي اهميت حاصل آهي.

1807ع کان پوءِ جڏهن، ڏيهي ٿورو پيرن-پر ٿيا ته ماضيءَ ڏانهن ڌيان وين ۽ پنهنجي آڳاٽي خزاني کي محفوظ ڪرڻ جي ڳڻتي ٿين. روهيلکنڊ لٽريري سوسائٽي بريليءَ پنهنجي ڇاپ خاني مان ڇپائي 1868ع ۾ ڪالي چرن نالي هڪ شخص جو ڪتاب ”امثال هنديءَ“ کي ٻن حصن ۾ شايع ڪيو. انهيءَ ڪتاب ۾ پهاڪن کي حروفِ تهجيءَ جي اعتبار سان مرتب ڪيو ويو آهي، ليڪن انهن جي شرح ڪين لکي وئي آهي.

اينگلو عربي اسڪول دهليءَ جي رياضيءَ جي استاد مولوي نجم الدين اردو زبان دانيءَ جي سلسلي ۾ گهڻا ئي ڪتاب لکيا. منجهن پنجون ڪتاب ”نجم الامثال“ آهي. انهيءَ ڪتاب جو پهريون ڇاپو 1876ع ۾ نڪتو هيو. ڪتاب مقبول ٿيو ۽ ان جو ٻيو ڇاپو 1888ع ۾ شايع ٿيو. هن ۾ چيو ويو آهي ته:

”اردو زبان دانيءَ جو پنجون حصو نجم الامثال جي نالي سان، جنهن ۾ 3068 کان وڌيڪ پهاڪا هيا. هن دفعي منجهس هڪ هزار ٻيا به وڌايا ويا آهن.“

ديباچي ۾ دعوىٰ ڪئي وئي آهي ته: ”ٻيو ڪو به جامع ڪتاب“ موجود نه هيو، انهيءَ ڪري مؤلف اهو ڪم شروع ڪيو. ٻئي ڇاپي ۾ پهاڪن بابت آڪاڻيون به ڏنيون ويون آهن. ڪي محاورا (اصطلاح ۽ ورجيسون) جيڪي پهرئين ڇاپي ۾ شامل ٿي ويا هيا، سي ڪڍيا ويا ۽ هاڻي هن ۾ ”خالص پهاڪا ئي رکيا ويا آهن.“ مؤلف پنهنجي ماخذ جو اتوپتو نه ڏنو آهي، ليڪن پهاڪن ۽ سندن تشريح ۾ جيڪو لکيو ويو آهي اهو گهڻي حد تائين صهبائيءَ جي تحرير سان مطابقت ۾ آهي ۽ انهيءَ باري ۾ شڪ ڇٽو نه ٿو ٿئي ته صهبائيءَ جو رسالو هن ڪتاب جي بنيادي ماخذن مان هڪ آهي.

مرزا محمد مرتضىٰ عاشق لکنوي عرف مُڇو بيگ به انگيءَ سال ۾ ”بهارِ هند“ جي نالي سان هڪڙو ڪتاب شروع ڪيو جنهن کي، ”معدنِ لغات و مخزن اصطلاحات و گنجينهٔ محاورات و مثل“ سڏيو ويو آهي. هن ڪتاب جو پهريون حصو، جيڪو الف اکر سان شروع ٿيڻ وارن لفظن ۽ فقرن تي مشتمل آهي، مطبع شوڪت جعفري لکنوءَ مان 1889ع ۾ ڇپجي شايع ٿيو. هيءُ ڪتاب هڪ قسم جي لغت آهي، جنهن ۾ پهاڪن جي معنىٰ به درج ڪيل آهي ۽ هرهڪ جي لاءِ سَنَدَ ۾ شعر به نقل ڪيو ويو آهي.

شمس العلماء مولوي ذڪاءُ الله پنهنجي عالمانهٔ انداز سان پهاڪن ڏانهن ڌيان ڌريو آهي ۽ اردو رسالا

”فلسفهٔ امثال“ ۽ ”منتخب امثال“ جي نالي سان ترتيب ڏنا اٿائين. پھرئين رسالي جي ديباچي ۾ پهاڪن جي حقيقت ۽ اهميت تي بحث ڪيل آهي. پوءِ مختلف حروف تهجيءَ جي تحت ترتيبوار عنوان قائم ڪري، مختلف يورپي ٻولين مثلاً انگريزي، فرانسيسي، پرتگالي وغيره ۽ ڪجھين ايشيائي ٻولين جھڙوڪ يوناني، عربي، فارسي، چيني وغيره ۽ چند هندستاني ٻولين جھڙوڪ بنگالي، اردو، تامل، تيلگو، پنجابي وغيره جا پهاڪا ڏنا ڪيا آهن. ٻئي رسالي ۾ به مختلف ٻولين جا پهاڪا ڏنا ڪيا ويا آهن. ٻنهي رسالن ۾ ملائي سلائي، پهاڪن جو تعداد ساڍا چار هزار کان مٿي بيھي ٿو. اهي ٻئي رسالا، مطبع مجتبائي دهليءَ مان 1898ع ۾ ڇپيا هيا.

مولوي ذڪاءُ الله جي انهن رسالن جي مطالعي مان ڪي ڪجھيون دلچسپ ڳالهيون اڳيان اچن ٿيون. مثال طور:

الف جي اکر سان شروع ٿيڻ وارن پهاڪن جو تعداد نو سؤ کان وڌيڪ آهي. پوءِ ب سان 265، د سان 256 ۽ ح سان 253 آهي. ي جي اکر سان هڪ به ناهي. ط سان 3، ف سان 8، ظ سان 9، ل سان 14، ف سان 15 ۽ ھ سان 16 آهن.

عنوانن ۾ ماڻهوءَ متعلق 151 پهاڪا آهن. ڪليات متعلق 102، ڪوڙ سچ جي باري ۾ 90، دولت ۽ متعلقات لاءِ 85، ازدواجي ۽ سس ننهن جي رشتن متعلق 84، ۽ الله تعالیٰ متعلق فقط پنجاھ پهاڪا/ چوڻيون آهن.

حيوانن ۾ ڪتي جي باري ۾ 56، گڏھ متعلق 37، گهوڙن بابت 28 ۽ متفرق 30 پهاڪا آهن. پهاڪن بابت هيل تائين جيڪي ڪتاب راقم جي نظر مان گذريا آهن، تن مان سڀ کان وڌيڪ علمي ۽ نتيجه خيز، مولوي ذڪاءُ الله جا اهي ٻئي رسالا آهن.

مڙني کان وڌيڪ دلچسپ ڳالھ هيءَ آهي ته ويهين صديءَ جي چوٿين ڏهاڪي جي آخر ۾ دهليءَ جي ٻن خواجه صاحبان پنهنجي پنهنجي طور تي پهاڪن متعلق ڪهاڻين کي قلمبند ڪيو آهي.

پهريون ڪتاب ”قصص الامثال“ خواجه محمد باقر حسن قادريءَ جو آهي. برقي پريس دهليءَ مان غالباً 1937ع ۾ ڇپيو هيو. ديباچي ۾ لکيل اٿس:

”اڳائي سون کان مٿي ڪهاوتون جن بابت قصا/ڪهاڻيون وغيره وڏي جاکوڙ ۽ محنت کان پوءِ هٿ آيا آهن، هيءُ انهن جومجموعو آهي ۽ قصص الامثال جي نالي سان موسوم ڪيو ويو آهي.“

انهيءَ ۾ مؤلف طرفان هي اطلاع به ڏنل آهي ته پاڻ پنج هزار کان وڌيڪ هندستاني ڪهاوتون پنهنجي هڪ ڪتاب ”بدرالامثال“ ۾ ڏنا ڪيا آهنس، ليڪن اهو ڪتاب اسان جي نظر مان نه گذريو آهي. انهيءَ ڪري ان جي باري ۾ ڪجھ به چوڻ ممڪن ناهي.

ٻيو ڪتاب ”قصہ طلب ضرب الامثال“ نالي سان، خواجه محمد عبدالمجيد دهلويءَ ترتيب ڏئي، مکتبهٔ جامعه دهليءَ مان 1938ع ۾ ڇپرايو، جنهن ۾ انهتر پهاڪن متعلق حڪايتون/ آکاڻيون قلمبند ڪيل آهن.

پهاڪن کي ڪٺو ڪري، ترتيب ڏيڻ جو سلسلو اڄ به جاري آهي. جيئن جناب وارث سرهندي جو ڪتاب ”جامع الامثال“ 1986ع ۾ مقتدره قومي زبان اسلام آباد جي طرفان شايع ٿيو آهي. منجھس عربي، فارسي ۽ اردوءَ جا اٺڙا پهاڪا ڏنا ڪيا ويا آهن، جيڪي پڙهيل ڳڙهيل اردو دان طبقي ۾ رائج آهن. دعویٰ ڪئي وئي آهي ته اڄ تائين اهو ئي سڀ کان وڌيڪ جامع ڪتاب آهي. منجھس پهاڪن جي تشريح به ڪئي وئي آهي. مٿي جيڪي تفصيل بيان ڪيا ويا آهن، انهن جي روشنيءَ ۾ هن ڪتاب کي سڀ کان وڌيڪ جامع تسليم ڪرڻ ناممڪن آهي.

انهيءَ ۾ شڪ ناهي ته پهاڪن متعلق ٻيا به گهڻا ڪتاب، مختلف انداز سان لکيا ويا هوندا، ليڪن اها ڳالھ افسوسناڪ آهي ته ”خزينة الامثال“ کان ”جامع الامثال“ تائين شايد ئي ڪنهن ڪتاب ۾ ماخذ جي نشاندهي نه ڪيل هجي. ٻي ڳالھ هيءَ آهي ته پهاڪن جي تعداد ۾ واڌارو ڪرڻ جي شوق ۾ عموماً انهيءَ پهلوءَ تي به نظر نه رهي آهي ته جنهن فقري کي پهاڪي جي نالي ۾ ڪتاب اندر داخل ڪيو پيو وڃي، اهو حقيقت ۾ پهاڪو آهي به يا نه. نجم الامثال غالباً اهو آخري ڪتاب آهي، جنهن ۾ انهيءَ پهلوءَ تي نگاھ رکي وئي آهي.

”مخزن الامثال“: هي ڪو باضابطه ۽ ربط سان تصنيف ٿيل ناهي. دانياديال مهرشي شيو برت لال ورمن صاحب پنهنجي دوست جناب گوري شنڪر لال اختر جي فرمائش تي ”ضرب الامثال/ پهاڪن“ جي ”ظهور جا سبب“ لکيا هيا، جيڪي قسطين ۾ رمتا رام رسالي ۾ ڇپبا رهيا. جناب اختر صاحب انهن کي پنهنجي مقدمي ساڻ ملائي، ”مخزن امثال“ جو نالو ڏنو. افسوس جي ڳالھ آهي جو رمتا رام رسالي جو فائيل اسان کي هٿ ڪين اچي

سگھيو، تنھنڪري انھيءَ مجموعي جي تصنيف جي سال جو تعين بہ ممڪن نہ ٿي سگھيو. ليڪن انھيءَ بنياد تي تہ مھرشيءَ جن فيبروري 1939ع ۾ ھيءُ چولو بدلايو ھيو ۽ جناب اختر صاحب جو چوڻ تہ سندن علم ۾ اھڙو ڪو بيو ڪتاب ناھي، خيال ڪيو ٿو وڃي تہ دھليءَ جي ٻنھي خواجہ صاحبان ڪان اڳي ھيءُ ڪم مھرشيءَ جن ڪيو ھيو.

اختر صاحب ٻڌايو آھي تہ پھاڪن متعلق ننڍڙا ننڍڙا ڪتابڙا بازار ۾ وڪاملدا رھيا آھن. انھن ئي ننڍڙن ڪتابڙن ڪي ڏسي اختر صاحب جي ذھن ۾ مذڪوره فرمائش جو خيال پيدا ٿيو ھوندو. چڱيءَ طرح ممڪن آھي تہ اھي ڪتابڙا مھرشيءَ جي نظر مان بہ گذريا ھجن. انھن ڪي ئي ھن ”مخزن امثال“ جو، بنيادي ماخذ سمجھڻ گھرجي. افسوس آھي جو انھن مان ڪنھن ھڪ جو بہ نالو، اختر صاحب نہ ٻڌايو آھي.

مھرشي شيو برت لال ورمن ھندوستان ۾ اوپر ڪان اولھ تائين ۽ اتر ڪان ڏکڻ تائين ۽ ٻاھرين ملڪن ۾ آمريڪا ڪان جاپان تائين جو سفر ڪيو ھيو. فنا في العلم ۽ صاحبِ نظر ھيو. عام ۽ خاص، سيني سان سندس معاملات ھيا. نھايت گھڻ مطالعہ ۽ ذھين شخصيت جو مالڪ ھيو. بي شمار پھاڪا سندس حافظي ۾ محفوظ ھيا. ھڪڙي مدت جي تجربي، مشاھدي ۽ غور و فڪر ڪان پوءِ شعوري طور تي صوفين ۽ سنتن جي روش ڪي اختيار ڪيو ھئائين، جيڪي پنھنجي عقيدتمندن جي بھترين طريقي سان تعليم ۽ تربيت ڪندا ھئا. مھرشيءَ جن، انھيءَ نقطي ڪان بخوبي واقف ھيا تہ نثر ۽ نظم ۾ بلاغت ۽ دلڪشي پيدا ڪرڻ جي لاءِ ئي ڪا تصنيف اھڙي ھجي جنھن ۾ پھاڪن جو استعمال نہ ٿيو ھجي. تنھنڪري اختر صاحب جي مذڪوره فرمائش ڪي سھٽي طريقي سان پورو ڪري ڇڏڻ سندن لاءِ مشڪل ڪم نہ ھيو.

مھرشيءَ زماني جي اصلاح لاءِ سندرو ٻڌو ھيو ۽ انھيءَ نيڪ مقصد جي لاءِ پاڻ ڪي وقف ڪري ڇڏيو ھئائين، ليڪن ھن نقطي ڪان غافل نہ ھيا، ”ڪارِ دنيا، تمام نہ ڪرد.“ انھيءَ ڪري پاڻ پنھنجي تعليمات لاءِ انھيءَ حلقي ڪي مرڪز بڻايائون جنھن سان خود سندن تعلق ھيو. انھيءَ ۾ ڪو شڪ ناھي تہ پاڻ دنيا جي تقريباً مڙني وڏن مذھبن ڪان واقفيت حاصل ڪئي ھئائون ليڪن، ”اول خويش، بعدہٗ درويش“ جي مصداق ھندستاني معتقدات متعلق آڳاٽن ۽ بنيادي سرمايي جي، جديد دور جي تقاضائن مطابق تعبير، توضيح ۽ تشريح ڪي زندگيءَ جو مقصود بڻايو ھئائون. انھيءَ موضوع متعلق، بقول جناب موھن لال ’نير‘، ان عھد جي مخصوص (main) زبان اردوءَ ۾ سوين ڪتاب لکي ڇڏيائون ۽ ھندستان جي اڪثريت واري طبقي لاءِ خود ان زبان ڪي مقدس بنايائون. انھيءَ عظيم الشان ڪارنامي جي لاءِ مھرشي، اڄ بہ بي نظير ۽ بي عديل آھي ۽ زماني جي روش ڪي ڏسندي يقين سان چئي سگھجي ٿو تہ آئنده بہ سندن جواب پيدا نہ ٿو ٿي سگھي.

مھرشيءَ جي، جن امتيازات ڏانھن مٿين سٽن ۾ اشارو ڪيو ويو آھي، ساڳيو امتياز ھن ”مخزن امثال“ جو پڻ آھي. بيشڪ اھو ھڪ مختصر رسالو آھي. ليڪن انھيءَ مختصر ۾ بہ اڏ ڪان وڌيڪ اھي پھاڪا آھن جيڪي ٻين ڪتابن ۾ داخل ناھن. اختر صاحب جي فرمائش تہ محض ايتري ھئي جو پھاڪن متعلق واقعات قلمبند ڪيا وڃن. مھرشيءَ اھو اضافو ڪري ڇڏيو تہ جن لاءِ ضروري سمجھيائون، انھن ڪھاوتن جي تشريح بہ ڪري ڇڏيائون.